پیاس

शिवसखी
पुस्तकालय
एवं
वाचनालय
वी०आई०पी० रोड, लखनऊ



دیال "آشا"

शिव शास्त्री संत बाबा आसुदाराम आश्रम * शिवसखी पुस्तकालय एवं वाचनालय * टी०आई०पी० रोड, लख...

پياس

رچيتا

ڊاڪٽر ديال ڪوڙومل ڏاميجا "آشا"
ايم- اي. پي- ايڇ ڊي
پرمک
سنڌي وڀاڳ
وائيس پرنسيپال
...شريمتي چانديٻائي همٿمل منسڪاڻي ڪاليج الهاسنگر-٣

...قيمت ٢ روپيا]　　[٢٥ نومبر ١٩٨٧ع

پرڪاشڪ :
هري واڌوا

WITH Best Compliments From:

K. C. Chandnani

(Approved Govt. Contractor)

Specialist in :

ASPHAL WORKS

Office:

PADAM CHHUGAM SAGAR,
Ground Floor., Near Old Telephone
Exchange, Ulhasnagar-3.

Phone : 71272
72905

عرض اَگھايو

منھنجو ستگر عرض اَگھايو،
مونکي رام جي راھ بتايو.

[١]

آءٌ اَڻ تارون تري نہ ڄاڻان،
وچ سير ۾ لڳہ ٽيا ساڻا،
منھنجي ٻيڙي ڪناري لڳايو،
منھنجو ستگر عرض اَگھايو.

[٢]

موھ چڪر ۾ ڦاٿو آھيان،
ھاڻي اُنھنجي در ٻاڏايان،
منھنجي چڪر مان جند ڇڏايو،
منھنجو ستگر عرض اَگھايو.

پوڄنيہ ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن

پوڄنيہ دادا جشن واسواڻي صاحب

۽

دادا شري لعلچند هاڪيڄاڻيءَ

جي

ڪمل قدمن ۾

پيـــاس

(گيت سنگره)

ڀيٽ ڪريان ٿو

ديال "آشا"

Published by: Hari C. Wadhwa President Youth Congress I.
Ward No. 40, Bk. 1533/9 Sec. 29, UNR.-4.
Printed by : Deepak H. Sharma, Navjeevan Printing Press, Bk. No. 981/6, Station Road, Ulhasnagar-421 003.

ساري توکي ساھ !

توکي ساري سڄڻ منھنجو ساھ،
منھنجي اڱڻ ۾ جلدي آءُ.

[۱]

بادل جيان منھنجون اکڙيون وسن ٿيون،
سانگين لاءِ سي سدا سڪن ٿيون،
ڪر محب مون تي کھڪاءُ؛
توکي ساري سڄڻ منھنجو ساھ.

[۲]

لوڪن کي لِڪ کھڙي منھنجي،
تار ڳنڍيل آ منھنجي تنھنجي،
کھڙو جانب لڪ لڪاءُ؛
توکي ساري سڄڻ منھنجو ساھ.

[۳]

شرم ٻوٽيءَ جيان مان شرمايان،
تنھنجي آمد تي مان مسڪايان،
لڳي "آشا" وصل جو ڪو واءُ،
توکي ساري سڄڻ منھنجو ساھ.

[۳]

جنم جنم کان پياسي آهيان،
مان تنهنجو ڏيان ڌيايان،
مون تي مهر جو مينهن وسايو؛
منهنجو ستگر عرض اگهايو.

[۴]

ٻيان محتاج نہ ڪنهنجو سائين،
بس تون ئي پال پلائين،
مونکي هلنديء پنهنجي هلايو؛
منهنجو ستگر عرض اگهايو.

[۵]

رڌي سڌيء جا آهيو مالڪ،
مون ٻالڪ جا آهيو پالڪ،
"آشا" ٻگڙي منهنجي ٻڻايو؛
منهنجو ستگر عرض اگهايو.

اُٺي نام جپ

اُٺي نام جپ تون سمو ٿي سهيلو،
سمو ٿي سهيلو اَمرت جو ويلو.

١- جپيو نام جن جن ڪليو پاڳ تن جو،
وِمُک نام کان جو اُٺي سو ڏهيلو.

٢- مايا ۾ تون ڦاسي پريوءِ کي وساريو،
وسارج جڳت کي جڳت ٿي جهميلو.

٣- مطلب جا ماڻهو مڙئي ٿي دنيا جا،
هجن توڙي مائٽ ڪٽنب ۽ ڪبيلو.

٤- پتو ناهي تنهنجو ڪڏهن ڪوچ ٿيندو،
"آشا" جاڳ جلدي ٿيندءِ صبح ميلو.

ڍولڻ ڍڪڻاڻ

منهنجا ڍولڻ تون ڍڪڻاڻ،
پت پوٽيءَ جي رکڻاڻ.

تون پارس، آهيان لوهه،
ڇهي مون کي سون ڪڻاڻ.

ڪيا ڏوهه اَٿم ڪيئي،
ڪين ڏوهن کي ڏسڻاڻ.

ڀؤ ساگر ڀاري آ،
تنهن مان تون ئي پار ڪڻاڻ.

منهنجي پياس ڪڻاء پوري،
منهنجي اگڻ ٻريـن اُجهاڻ.

ڪين واهه وسيلو ٻيو،
سدا ”آشا“ ساٿي تڻاڻ.

ڪاش، سمجهون!

ڏٺيءَ جي آ ڪيڏي اُسان تي عنايت،
لهي سار سائين تــو ساعت ٻه ساعت.

ڪرڻ گهرجي جنهنجي سدائين عبادت،
بندو بي شڪر آ ڪري تــو شڪايت.

ڪرڻ ڪين گهرجي اَمانــت ۾ خيانت،
ســـزا ڏيندو سائين ڏيکاريون ديـانت.

عقل، علم، اقبال، اسباب ۽ زر،
ڏني آهي ڏاتر، دکين ڪي سکي ڪر.

تون عيش ۾ وڙت تـو مايا وڃائين،
خوشامد جي صدقي چا لک ٿو لٽائين.

هي مسڪين محتاج ٿي روپ رب جو،
ڏسي تن ۾ سائين، ڀلو ڪر تون سڀ جو.

رام نام

جپيو رام نام پيارا،
ٿيندؤ سدائين سويارا.

[۱]

منهن مايا کان موڙيو،
جيءُ جانب سان جوڙيو،
ويندءِ مٽجي مونجهارا؛
جپيو رام نام پيارا.

[۲]

جن جپيو پرڀوءَ جو نام،
تن پاتو سچو وشرام،
جس لوڪ ڳائن سارا؛
جپيو رام نام پيارا.

[۳]

"آشا" پيچ پرڀوءَ سان پاءِ،
هڪ سائينءَ کي سرچاءِ،
تنهنجا صاحب رکوارا؛
جپ م نام پيارا.

جي چاهين سگهي ٿيان نہ ٻين کي سگهي ڪر،
ڪندو سائين تنهنجي بہ ساري سدا سر.

نہ تالاب ٿي رهہ تون! وهندڙ ندي ٻڻ،
سڪل پوُنءِ ٿي ٿي وسائڻ جو واهڻ.

ٻڻج تون ٻراٽين لڪن جو سهارو،
سڀڙي سوڀ پائي، ٿي ٻرپوءِ ڪي پيارو.

جڳت ۾ رهون ٻر جڳت کان ٻري جڻن،
ڪيڏون واسنائون اندر مان ٽڙي جڻن.

اڇائون اندر جون گهٽايون مٽايون،
سڀو سک پراپت ڪرڻ جي ٿا چاهيون.

جا وٿي گذري نہ تنهن کي پِي ڪڏهن تون ياد ڪر،
ياد ڪر هڪ يـــار کي اُن ياد ســـان دل شاد ڪر؛
چاهنائون چت اندر ٻيون ڪين رک پيـــارا ڪڏهن؛
چاهه رک سائين ملڻ جـــي چاهه ٻـــي برباد ڪر.

دنيا مان ونيو ڪنهن نه تون ڪجهه ونيندين،
جڏهن ڪال آيئه نه ڪوڏي ڪا نيندين.

رکيو موهه جن جن سي ڏايا دکي ٿيا،
وڏراڳي ۽ گياني، سدائين سکي ٿيا،

سوارت جو سارو هي سنسار آهي،
لٿو ڪم، ٻڪڻ وسريو، وهنوار آهي.

ڏئين تون تو جن لاءِ جيءَ کي جفائون،
اهي مٿر تو لاءِ ٿي پوندا هوائون.

ڏني مان ڏڻيءَ جي سدا ڏيندو رهه تون،
ضرورتمندن سان هميشه پيو وهه تون.

ڪري جو ٻين جي ٿو خدمت سدائين،
ڪري ٿو خدا تنهن تي رحمت سدائين.

خدا خلقي مخلوق آهي سموري،
وسي والي سڀ ۾ ٿــو ظاهر ظهوري.

ڌڻيءَ جي ٻچن کي ستائڻ نه گهرجي،
ڪري ظلم تن تي، رنجائڻ نه گهرجي.

من - ميت

تون! مونـــي اَج من - ميت،
تاهيان لڙڪن جا مان گيت.

[١]

دل ڙي تــو لهٔ آهي پياسي،
تــو بــن آهيان آءٌ اُداسي.
پريم سندي اوسات اندر ۾؛
ڳايان ســوز ڀريــو سنگيت؛
تون! مونـــي اَج من - ميت.

[٢]

سؤنهين نہ توکي رسڻ پيارا،
اَرپيم توکــي جــيءُ جيئارا،
پريم جي پت ۾ پاڻ وساريم،
منهنجي هار ۾ تنهنجي جيت؛
تون! مونـي اَج مــن - ميت.

[٣]

تو سـان اَنادي نا تــو منهنجو
"آشا" کي آ سهارو تنهنجو
مان تنهنجي تون منهنجي سائين،
منهنجي تو ۾ اَتــوٽ پريت،
تون! مونـي اَج مــن - ميت.

پياس

ڪڏهن سڄڻ ڏيندين ديدار،
تن ۾ آهه لڳل سا تار.

١- نيڻ ڪٽڻ مان روز نهاريان،
ور ور ساجن توکي ساريان،
اچ مل مون سان تون هڪ وار.

٢- سڪ جا ساجن ڳوڙها ڳاڙيان،
ورهه ۾ تنهنجي لڙڪ مان لاڙيان،
مون کي گهرجي تنهنجو پيار.

٣- تو بن آهيان مان ويڳاڻي،
حال اندر جو تون تو ڄاڻي،
هڪ تنهنجو ئي آذار.

٤- "آشا" آهي تنهنجي پياسي،
در تنهنجي جي دلبر داسي،
توکي پايان حب جو هار.

ڪر نہ ڀروسو

ڪنهن تي ڀروسو ڪر نہ پيارا،
لوڪ آهي مطلب جا سارا.

[١]

تنهنجي سامهون تو جهڙا آهي،
منهنجي سامهون مون جهڙا آهي،
جوُتا جڳ جا سڀ ئي سهارا؛
ڪنهن تي ڀروسو ڪر نہ پيارا.

[٢]

جيڪي چمڪي سون نہ جاڻج،
طلسم ڏي دل موُر نہ تاڻج،
سڀ سپني جا آهن نظارا؛
ڪنهن تي ڀروسو ڪر نہ پيارا.

[٣]

صاحب سان گڏ نينهن جو ناتو،
جنهن مان "آشا" سڀ ڪجهہ پاتو،
منهنجا ستگر سرس سوُنهارا؛
ڪنهن تي ڀروسو ڪر نہ پيارا.

ستگر لاءِ سڪان

ستگر لئہ ٿي سڪان،
سڪان مان ستگر لئہ ٿي سڪان۔

۱- پريم تہ مون کي پڌرو ڪيڙو،
کهڙيءَ پر مان لکان،
ستگر لئہ مان سڪان۔

۲- پنڌ اَڻانگو پريم جي پٿ جو،
ڪٿان ٽڪريون ٽڪريون وڪان،
ستگر لئہ مان سڪان۔

۳- سوُرن مون کي سياڻو ڪيڙو،
ٻيو سبـــق ڪهڙو سکان،
ستگر لئہ مان سڪان۔

۴- روئي روئي نيڻ سڪي ويا،
هاڻي ڪيئن مان روُئان،
ستگر لئہ مان سڪان۔

۵- "آشا" ايندو مرشد مون وٽ،
مان ٻيئنديس پريم جون پڪان،
ستگر لئہ مان سڪان۔

جپ نام

رسنا رس ورتا تو جام،
هاڏي جپ ڀرڀوءَ جو نام.

[١]

چوراسيءَ جي چڪر ۾ ڀٽڪين،
ترشنڪوءَ وانگر تون لٽڪين.
پاتءِ ڪين ڪڏهن وشرام،
هاڏي جپ ڀرڀوءَ جو نام.

[٢]

مترن لاءِ تو ڳوڙها ڳاڙيا،
ڀر ڀرڀوءَ لءِ لڙڪ نہ لاڙيا،
سڪ سان پڪارج شيام؛
هاڏي جپ ڀرڀوءَ جو نام.

[٣]

جوُٺا جڳ جا "آشا" سهارا،
نام جي نوڪا ۾ چڙهہ پيارا،
آتي نام سکن جو ڌام؛
هاڏي جپ ڀرڀوءَ جو نام.

سوامي ٽيئونرام مهاراج

سوامي ٽيئونرام جهولي منهنجي ڀر،
آيو آهيان سوالي ستگر تنهنجي در.

جاڻي جاڻهار آهين تون گرو،
تون ڄاڻين آس جا منهنجي اندر.

سنت ڀڳوت جو سدا آهن سروپ،
ڪانه ڪا آهي ڪمي سنتن جي گهر.

تو اُجڙ دلين ۾ آندي نئين بهار،
مهر سان مرشد سنگت کي شاد ڪر.

تون دِيا جو آهين ساگر ستگرو،
تنهنجي ڪرپا لاءِ "آشا" منتظر.

موهه

موهه دکن جو کارڻ آهي،
جنم جنم ۾ سو پڪائي،
ڪنهن ۾ موهه نه رک تون پيارا!
لوڪ اٿي مطلب جا سارا!

اهنڪار

اهنڪار بوڙو انڌو ڪٿائي،
ڏاڍائي ۽ ظلم ڪرائي،
شڀ ڪرمن جو ڦل گهٽائي،
راوڻ پارا مٽيءَ ملائي.

ٿوري جيئڻ لاءِ ماڻهو ڇا ڇا نٿو ڪري،
اَهنڪار ۾ هوُ ٻرجي ڪنهن ڪان نٿو ڊري،
دنيا ڇا ۾ ڏٺيءَ جو ڪوئي نه خوف ڪيس؛
ڪوئي ڪڏون ٿو ٻين لاءِ ۾ پاڻ ٿو مري.

پنج وڪار

ڪام

ڪام جيؤ کي انڌو بڻائي،
ليڄ ۽ شڪتي سندس گھٽائي،
ڪين سکي ٿي هرگز ڀوڳي،
ڀوڳي ڀوڳي ٿي ٿو روڳي.

ڪروڌ

ڪروڌ نہ رت جو داب وڌائي،
تن من کي نقصان رسائي،
ماڻهوءَ کي چنڊال بڻائي،
شانتي من جي ڪروڌ وڃائي،

لوڀ

لوڀ ڪتي سان ڳنڍ ڪارائي،
لوڀ منش جي ننڊ ڦٽائي،
لوڀ ڪٽي ٿو پاپ ڪرائي،
رت کي رت سان ٿو ويڙهائي،

اُڏر پکي

تـــون اُڏر پکي اَلبيــلا !
اُڏر اُڏر تون ڏور ڏسائون،
مَحَبَ کندا جـــت ميلا؛
تـــون اُڏر پکي اَلبيلا !

[١]

من جا ميت اُڏامي ويڙا،
پنکہ کسڻ تي تنهنجا تيئڙا،
اُڏي نہ سگهندين پوءِ اُتاهون؛
هيءَ اَٿي اُڏڻ جي ويلا،
تـــون اُڏر پکي اَلبيلا !

[٢]

ماريءَ جاڙ تہ جار وڇائي،
تنهنجي گلي ۾ پوندي ڦاهي،
پڇتائڻ مان فيض نہ رسندءِ،
وڃي مالڪ سان ڪر ميلا؛
تـــون اُڏر پکي اَلبيلا !

رام سان ڪر تون پريت

منهنجا من! رام سان ڪر تون پريت.

۱- جوڻي ڪايا جوڻي مايا،
اِستٿ ناهي وڻ جي ڇايا،
آهي سپني جي سڀ ريت.

۲- رام جي شرڻ ونج تون پيارا،
مٽجي ويندا سڀ مونجهارا،
ڳاءِ گوبند گوبند جا تون گيت.

۳- مطلب جي سڀ دنيا داري،
جوڙي "آشا" جڳ جي ياري،
ڪوئي نه ڪنهن جو ميت.

آيو شيام

آيو، آيو! شيام مراري!
آيو آيو! برج بهاري!

١- من مندر ۾ موهن پڌاريو،
ورور جنهن کي مان نہ پڪاريو،
چت چور آيو بنواري!
آيو آيو! شيام مراري!

٢- جنهن ڪرشن لئہ واٽون نهاريم،
رڳ رڳ ۾ جنهن کي ٿي ساريم،
صورت جنهن جي پياري پياري؛
آيو آيو! شيام مراري!

٣- چوڏس جو چنڊ مون لئہ ڪڙيو،
ڀاڳ منهنجي جو گل جڻ ٽڙيو،
آئي چت جي چمن ۾ بهاري؛
آيو آيو! شيام مراري!

٤- درشن ڪئي دک دور ٿيا "آشا"،
ڪين رهي ٻي ڪا اَڀلاشا،
آيو ڀڳتن جو هتڪاري؛
آيو آيو! شيام مراري!

[٣]

وينين وساري پنهنجي وطن کي ،
امـــراپور آنند چمن کـــي ،
مهکيا گـل جلدي ڪوماڻا ،
تو ڳالهہ نـہ سمجهي ڳهيلا ؛
تـــون اُٿر پکـــي اَلبيلا !

[۴]

ڇوُڳي جي لالچ ۾ اَنکين ،
ڇڙک ڪوڙکي جـي ۾ اَٽکين ،
”آشا“ موهہ نهوڙي نيندءُ ،
جـڳـــ وهنـــوار جهميلا ؛
تـــون اُٿر پکـــي اَلبيلا !

———

ٽڙي تنهنجي لهندو سدائين سنيـــار ،
ڪڏهن ڪين تنهنکي تون پيارا وسار۔

ڳهيلا !

ڪين سمجھ تون آئي ڳهيلا،
هري ۽ ڀڄن جي هيءَ تي ويلا.

[١]

جنم جنم ۾ ڀٽڪيو آهين،
مايا چڪر ۾ لٽيو آهين،
ور ور موقعو ملندءِ نه توکي،
تون سستي ڇڏ ج سويلا؛
ڪين سمجھ تون آئي ڳهيلا.

[٢]

مانش جنم وري نه ملندءِ،
هٿڙو موقعو هٿ نه ايندءِ،
سواس سواس سان نام کي سمري،
ڪر تون سواس سهيلا؛
ڪين سمجھ تون آئي ڳهيلا.

[٣]

ڪٽنب قبيلو سات نه ڏيندءِ،
مال ۽ ملڪيت ساٿ نه هلندءِ،
ڪهنجي جو سڀ آهي چڱڪو،
سڀ "آشا" تي نه جهميلا.
ڪين سمجھ تون آئي ڳهيلا

موهه نه رکه

ڪنهن ۾ موهه نه رک تون پيارا،
لوڪ آٿي مطلب جا سارا.

١- موهه دکن جو ڪارڻ آهي،
موهه جيءُ کي ٿو ڦاسائي،
تياڳ جي ورتي رک تون هردم؛
مٽنڊءِ من جا سڀ مونجهارا.

٢- جن جن موهه رکيو سي دکي ٿيا،
وئراڳي هر هنڌ سکي ٿيا،
تون ڀي ره نرليپ ڪمل جيان؛
نينهن جا وڄاءِ نغارا.

٣- جڙ ڀُرت کي هرڻ ڀٽڪايو،
اندر جو آرام ڦٽايو،
ڀلجي ويو ڀڳوان به هن کان؛
ڏسي مايا جا ته پسارا.

٤- ٻرپوءِ سان جن ڳنڍيو ناتو،
آتم پد کي تن ئي ڀاتو،
" آشا " تون ڀي وات اِها وٺ؛
ٿي هِت هُت سي سوڀارا.

دان ڪريو

دان ڪريو پيارا دان ڪريو
خالي جهولي ڀريو ڀريو.

[١]

دان ڪرڻ سان ڌن آ وڌندو،
کوهہ مان پاڻي ڪڍهن نہ کٽندو،
دان سان دولت سڦلي ٿئي ٿي.
جڻ گنگا جو اِشنان ڪريو؛
دان ڪريو پيارا دان ڪريو.

[٢]

مال تہ مالڪ جو سڀ آهي،
تنهنجو منهنجو ڪجهہ ڀي ناهي،
ناالي ڏٺيءَ جي دان ڪري،
جڳہ ۾ پنهنجو مان ڪريو؛
دان ڪريو پيارا دان ڪريو.

سوامي شانتي پرڪاش مهاراج ن

جي جنم ڏن موقعي تي

ستگر ديِن ديال - بيڙو منهنجو پار ڪر.

١- سوامي اوهان جو جنم ملهايون،
هار چندن جا اوهان کي پايون،
ڪرپا ڪري ڪرپال - بيڙو منهنجو پار ڪر...

٢- برهم نيشٺي برهم گياني،
سوامي ٽيئونرام جي آهيو نشاني،
جڳ جڳ جيئنديءَ شال - بيڙو منهنجو پار ڪر...

٣- پيار دِيا جا ڀنڊار سوامي،
ڪرم يوگي سنت انترجامي،
ڄاڻو ٿا سڀ حال - بيڙو منهنجو پار ڪر...

٤- گيان ڏئي اگيان مٽايو،
" آشا " جو اڄ عرض اگهايو،
نام ڏئي ڪيو نهال - بيڙو منهنجو پار ڪر...

منا ڪين آئين

سڄڻ ڪين آئين منا ڪين آئين
روئان رات ڏينهان اَچي پرچائين.

[١]

خطا منهنجي آهي خطاوار آهيان،
ڪيم ڪي ڪڇايون گنهگار آهيان،
عنايت ڪري تون ڇاڻيءَ ڇپائين.

[٢]

لڪين ڪامڻيون تنهنجون تون ئي ڪانڌ منهنجو،
پيارا مون پڪڙيو اَچي پانڌ تنهنجو،
نذر مان نماڻي تون منهنجي سر جو سائين.

[٣]

نه دل ڙي لڳي ٿي دنيا جي ڪمن ۾،
رهان روبرو مان تنهنجي چرنن ۾،
نه ”آشا“ ٻي آهي پنهنجي سنگ وهاري.

[۳]

سڪندر قارون پارا لڏي ويا،
شاهي حڪومت هتي ڇڏي ويا،
مٽي ڀڄاڻان ڪير تو جاڻي،
جيڏري ڪجهہ اَحسان ڪريو؛
دان ڪريو پيارا دان ڪريو.

[۴]

وڌرت جيون ڪين وڃايو،
سمرڻ سيوا ۾ ڪيو سجايو،
شپ ڪرمن ۾ مايا لڳائي،
”آشا“ پنهنجو ڪلياڻ ڪريو؛
دان ڪريو پيارا دان ڪريو.

غم کائڻ مردانگي، ڪس ۾ آهي جس،
ڪاوڙ ڪيمو ڪين ڪر، اُن مان لڳندءِ ڪس.

پريم

تنهنجي تصوير منا منهنجي ٿي اکڙين ۾ تري،
تصور ٿو ڪريان تنهنجو جڏهن نير جري.

نيڻهن واري نظر ساط نوازش ٿو ڪرين،
سرگه ڌرتيءَ تي جڏهن پاڪر ۾ پري.

قدمن جي تنهنجي خاڪ اَنئي پهر لڳايان،
اَهڙو شل پاڳه سدا منهنجو منا محب وري.

دور دوري ڪري ڪين سگهي دل ڪي ڪڏهن
ساهه ۾ تون سمايل نه مون کان پل به پري.

”آشا“ تي عنايت تنهنجي محبوب رهي،
لونءَ لونءَ ٿي تنبوري جيان وجي عرض ڪري.

مان آھيان ٻولي

مان آھيان سڀڙ ڏاڍي ٻولڙي،
ڪجاڻ اُوکيءَ مان تون سولڙي.

[۱]

در دنيا جا ڪيئي گھميا مان،
آخر تنھنجا چرڻ چميا مان،
چو ته تنھنجڙي آھيان گولڙي.
مان آھيان سڀڙ ڏاڍي ٻولڙي.

[۲]

آھيان ڏاڍي عيبن ھاڻڙي،
ميت مدايون منھنجا ساٽڙي،
پريم جي پاراءِ چولڙي؛
مان آھيان سڀڙ ڏاڍي ٻولڙي.

[۳]

” آشا “ کي پنھنجي گود وھاري،
سڪ جڙي سنڙي تنھن کي پيئاري،
ڏج مھر سندي تون لولڙي؛
مان آھيان سڀڙ ڏاڍي ٻولڙي.

سپرين

سڪندي ٽيڙم سال، تو سار نه لڌي سپرين،
کهڙا منهنجا حال، آءٌ اچي ڏس روبرو.

روُئندي گذري رات، ڏينهن جو پوُر پچايان،
اکڙين مان برسات، سڄڻ سدا وسندي رهي.

ڪنهن سان اوريان اور، مطلب جا ماڻهو هئي،
منهنجي من جا مور، سوُر سليان مان توسان.

آهين ڪيڏو نه دور، ته به دل کان دوُر نه پانيان،
شايد تون مجبور، نه ته سڄڻ ملين اچي سيگهه.

ويندس جڏهن مري، جا ايندين تڏهن سپرين،
واپس ويندي وري، منهنجي خاڪ ڏسي ڪري.

ڪير ڪري بيو پيار، ڪير انگل آرا سهي،
تون ئي هڪ آڌار، جانب منهنجي جيءَ جا.

منهنجو محبوب

منهنجو محب متو متار،
منهنجو هن سان ٿي ويو پيار،

نور اکين منهنجين جو آهي،
هن ڌاران آهي انڌڪار.

پريم جي پٽ تان ڪين ڪي ورندس،
لوڪ ڀلي ڪن مون کي خوار.

سڪ جو ساگر ڇوليون ماري،
جنهن جو انت نه آهي پار.

دور هجي يا اکڙين اوڏو،
اٿ ٿي پهر ڪريان ديدار.

منهنجي سر جو آهي سائين،
ڏسي ٿيان ٿو باغ بهار.

مک مان جنهن جي موتي ڪرن ٿا،
گيان سندو آهي گلزار.

چمڪي خوب سندس پيشاني،
”آشا“ جي سو هينئين جو هار.

دوها

ڪنهن کي ڪين رنجاءِ تون، سڀ ۾ آهي رام،
لوڪن کي ڏي پيار تون، تن ۾ آ گهنشيام،

هر ڪو ٻورو پاڻ ۾ اهڙو لڳو تہ واءُ،
ڪلجڳہ جي آهي هوا، ڀاءُ نہ ڀچي ڀاءُ،

ديا ٻنا انسان آهہ، جڻ ڀسونءَ سمان،
ديا ڌرم جو مول آ، ويدن جو فرمان،

ڪوئي نہ ڪنهنجو ساٿي، مطلب جو سنسار،
ڪوڙ ڪمائين ڪنهن لئہ، جوتو جڳہ وهنوار،

ٻندا چنتا ڇو ڪرين، راکو آ ڀڳوان،
سو سار لهي ٿو سڀ جي جوڙيو جنهن جهان،

جڳہ سارو فاني اٿي تنهن ۾ ڪر نا موهہ،
سڀ کي پنهنجو پيار ڏي، ڪنهن سان ڪر نا ڌوهہ،

ڪرشن ڪرشن چوندي ٿي راڌا ڪرشن روپ،
سوين ڪرشن راڌائون راس ليلا تہ انوپ،

سوارٿ جا سڀ متر ٿي ڪوئي نہ ڪنهنجو يار،
کي ڪم ٻرين کي ڇم ٻرين مطلب جو سنسار،

عرض

اوھانجي اسان تي وڏي مهرباني،
ٻڌايو اوھان ئي ته رستو روحاني،

جڏهن جا جيا پا اگهيءَ جا طبيب،
اوھان جي عنايت وساريان نه جاني،

اکين پهر تصور اوھان جو ڪريان،
پيو نور چمڪي اوھان ۾ نوراني،

اوھان عشق محبت جا اوتار آهيو،
اوھان جي آ صورت سراپا صبحاني،

اوھان درد منهنجي جا درمان آهيو،
اوھان منهنجي جيون جا آهيو سڪاني،

سدائين مان سک جي سمرٿي پيو سوريان
نڪي مال اسباب گهرجي جهاني،

سگهان ڪين لاهي مان هڪڙو به تورو،
توڙي "آشا" گذري سڄي زندگاني،

ڀڳوان شنڪر مهاديو

ٻم ٻم ٻم ٻم مهاديو تون ڀولاناٿ ڀنڊاري،
جئه جئه جئه شو شنڪر مهما تنهنجي نياري،

دشٽ وڌي ويا ڀرگهٽ ٿي ڪر تانڊوَ نرتيه هاٽي،
ڀسماسر کي ڀسم ڪيو تو، دشٽن جو تون سنهاري،

بدن تي پنهنجي ڀڀوت لڳائي اڪ ڌاتورا کائين،
گلي ۾ مالها نانگن جي ٻئل تي تنهنجي سواري،

شرڌا سان جو ڌيان ڌيائي چار پدارٿ سوئي پائي،
ٿل ڦل تي تون راضي ٿين تو ڀڳتن جا هتڪاري،

ڀرواهت ڪرين گنگا ڌارا، مستڪ سونهين چندرما،
سڏين تون ڪيلاش پتي ڀرُ تنهنجي دنيا ساري،

ويد ڀي تنهنجي مهما ڳائن، جوڳي جوڳ ڪمائن؛
اُما پتي ڪر آسيسا تون "آشا" تــي هڪواري.

منهنجو ستگر

ستگر منهنجو دين ديال،
سد سد آهي هوُ ڪرپال.

[١]

مهر ميا جو مينهن وسائي؛
اجڙ دلين کي شاد بڻائي،
پيارن جي تو لهي سنڀال؛
ستگر منهنجو دين ديال.

[٢]

گيان ڏئي اگيان مٽائي،
پرم ۽ سنسا ڪل ڏئي ڀڄائي،
رهي من ۾ نه ڪوئو خيال؛
ستگر منهنجا دين ديال.

[٣]

هردم مون سان سنگ سهائي،
”آشا“ نه مونکي چنتا ڪائي،
نتگي آهي سدا نتگپال،
ستگر منهنجو دين ديال.

پوڄيه دادا جشن واسواڻي
جي جنمدن موقعي تي

۱- لک لک جنم مبارڪ دادا جشن پيارا،
ساري وشو ۾ تون چمڪين جيئن چنڊ ۽ ستارا،

سيوا سنيهه سمرپڻ جي تون راهه تو بتائين،
۲- آٺئي پهر تنهنجي مک مان وهي گنگا جي ڌارا،

ڀڳتي ڪرم ۽ گيان جي ترويڻي تون ته آهين،
۳- ڪيتري پياس تا ٻجهائين تو در اچي دلارا،

نوراني نور جهلڪي پيشاني تنهنجي چمڪي،
۴- درشن تنهنجي سان دلبر من جا مٽن مونجهارا،

محبت جي موم ٻاري روشن ڪرين تو رستو،
۵- آهين روحاني رهبر سونهون سچو سو نهارا،

۶- آهين پيار جو تون ساگر، هڪ بوند جو مان چاهڪ،
ڪر پياس پوري پريتم، ڪري پال تون پلارا.

۷- آلاپ انجلي تنهنجا پيغام ڏين پرين جو،
"آشا" ثنا مان ڳايان، منهنجي اکين جا تارا،

ڪڏهن ڏيندين ديدار !

ڪڏهن ڏيندين سڄڻ ديدار،
مون کي تنهنجي لڳل آ تار.

١- نيڻ ڪٽيي مان روز نهاريان،
ور ور ساجن توکي پڪاريان؛
مل مون سان تون هڪوار.

٢- سڪ جا ساجن ڳوڙها ڳاڙيان،
وره ۾ تنهنجي لڙڪ مان لاڙيان،
مون کي گهرجي تنهنجو پيار.

٣- تو بن آهيان مان ويڳاڻي،
حال اندر جو تون ئي ڄاڻي؛
هڪ تنهنجو ئي آڌار.

٤- "آشا" آهي تنهنجي پياسي،
در تنهنجي جي دلبر داسي؛
توکي پايان حب جو هار.

هري ڀڄن

هري ڀڄن ۾ چت نا لائين،
ويرٿ مانش جنم وڃائين.

(۱)

دنيا مان تون ڪجهه ڪين وٺيندين،
سهڪي سهڪي دم تون ڏيندين.
ويٺو ڪوڙا ڪرم ڪمائين، هري ڀڄن ......

(۲)

سڳا سنبنڌي ساٿ نه ڏيندء،
انت سمي نه سهائي ٿيندء،
ٿو ناحق ڀاڙ ڦاسائين، هري ڀڄن، ......

(۳)

هيرن جهڙي امولڪ ديهي،
آلس ۾ تو وڃائي ويهي،
ويٺو ويرٿ سواس وڃائين، هري ڀڄن ......

(۴)

هڪ ڏينهن "آشا" هلڻو آهي
سڀ ڪجهه هتڙي ڇڏڻو آهي
چو نه لنو لالڻ سان لائين، هري ......

اَچا ڪين آئين شيام

ڪيئن پايان مان وشرام،
اَچا ڪين آئين منهنجا شيام!

[۱]

روئندي روئندي راتيون گذرن،
بن بادل منهنجون اکڙيون برسن،
اوريان ڪنهن سان حال اَندر جو،
اَچي اُگهه لڙڪ منهنجا گهنشيام،
اَچا ڪين آئين منهنجا شيام!

[۲]

ورهه ۾ وياڪل ويٺت آهيان،
ڏيئي ڏُئي دل کي مان پرچايان،
"آشا" ايندو بُرج بهاري،
جنهن جي چرنن ۾ منهنجو ڌام،
اَچا ڪين آئين منهنجا شيام!

سنت پڌاريا

سنت هتي اَج آيا پاڳن واري آهيان،
پاڳن واري آهيان، گيت مرحبا ڳايان.

[۱]

سنت جتي پائن پيرا، وسن سدا سي ديرا،
درشن ڪئي پرسن ٿيان، هار گلن جا پايان؛
سنت هتي اَج آيا، پاڳن واري آهيان.

[۲]

سنت پرڀو جو نت اوتار، ڪن سين جو اڌار،
نرمل نيڻهن ڏين پيار، رج مستڪ تن لايان؛
سنت هتي اَج آيا، پاڳن واري آهيان.

[۳]

درشن ڪئي دک دور ٿيا، مونجهارا منجهي ويا،
"آشا" ڪن عنايت سي گولي تنجي آهيان؛
سنت هتي اَج آيا، پاڳن واري آهيان.

جيو ديا

جيو ديا جي جوت جڳايو،
پکين پسن کي گلي لڳايو،

ٻريو جي اولاد سيئي،
ڇري نه تن تي هلايو.

مانش ديهه مندر مالڪ جو،
سدا پوڄر تنهن کي بڻايو،

جو تو ٻين کي پيڙي ستائي،
پاپ تنهن پنهنجو پاڻ ڦٽايو،

ماس ماڻهن جو کاڌو ناهي،
ڇو پاڻ کي پسون بڻايو،

ديا نه جنهنجي دل ۾ آهي،
ٿيو جيئڻ ته تنهنجو اجايو.

ڪنهن سان سلمان

ڪنهن سان آءُ سلمان هي سوُر،
سرتيون! ساجن مئيءَ کان دوُر.

١- آڏو آياڻن روئڻ آجايو،
ناحق پاڻ تي لوڪ کلايو،
ڪيم وڏو ئي جڻ نہ قصور، ڪنهن سان...

٢- ڦڳڻ ڦولاريو دل نہ ڦولاري،
مون لئہ خزان آ جڳ لئہ بهاري،
چاڻ اُنبن جهليو پيئر ٻوُر، ڪنهن سان...

٣- محبت ڪرڻ ڪو مٺو ناهي،
پريم نہ پوتر پاڻ ئي آهي،
مونکي لوڪن سمجهيو نہ موُر، ڪنهن سان...

٤- جن کي جاتم ساٿي پنهنجو،
هٿڙي پڻ نہ ٻٽيو ڪو ڪنهن جو،
آهي پيڙيءَ جو هي ٻوُر، ڪنهن سان...

٥- نيڻ ڙي ”آشا“ ڪين اُچي ٿي،
اکڙين مان برسات وسي ٿي،
آهي درد جو هي دستور، ڪنهن سان...

ڪٿي آ !

ڪٿي آ منهنجي من جو ميت،
چيڙي دل جو، جو سنگيت.

[١]

رات سهائي چنڊ پيو چمڪي،
تارن جي بارات سان ٻهڪي،
لوڪ خوشيءَ ۾ مان ويڳاڻي؛
ڪٿي من جو چنڊ ڪنهن ريت.

[٢]

تو بن آ من ماندو منهنجو،
ڪين سهارو آ ٻي ڪنهن جو،
روئي روئي لڙڪ مان لاڙيان،
ڳايان ويٺي ورهه جو گيت.

[٣]

پريتم تو وٽ درد جو دارون،
ڪريان تنهنجي در تي ڪارون،
"آشا" پيار جي انجلي پيئارج؛
تنهنجو پيار پيئان مان گيت.

ڪو ڏڻ وار تيوهار هجي
ڪيئن نہ لڳن مرجهايل مکڙا
ڪومل سي ڪومايل مکڙا!
ڪير اُنهن جي دانهن ٻڌي،
ڪير اُنهن کي پيار ڏئي؟
سس سهرا سؤداگر ٿي پيا،
چانديءَ جي چند ٽڪرن تي
نوُر چشم ٿا ڪن نيلام
هٿ سان پاڻ کي ڪن بدنام
بدناميءَ جو خيال نہ آهي
پئسو تن لئہ سڀ ڪجهہ آهي
شينهن ڪلهي ٿا نياڻي چاڙهن
قرض ڪڍي ٻوءِ مرض ۾ ڦاسن!
چنتائن جي چوُڇي لڳي ٿي
تن جي اَندر ۾ باهہ ٻري ٿي!
ڏيهہ ۾ آهہ ڏڪر اَڄ ڪيڏو،
پيٽ بہ پالڻ آهي اؤکو!
پيٽ ڀريون ڪيئن اَڄ سيٽن جا
ٿاب سهون نت پيا تن جا

سوچيون

تنهنجيون نياڻيون
منهنجيون نياڻيون
جڳ جون نياڻيون
ڀينجيون نياڻيون!
روُئن نماڻيون! روُئن نماڻيون
پيءُ ماءُ جي گهر پلجن راڻيون
ساهرن جي گهر سي ويڳاڻيون
تنهنجيون نياڻيون، منهنجيون نياڻيون
تن جي پيڙا
منهنجي پيڙا،
پيڙا پيڙا
جڳ جي پيڙا
ڏيتي ليتي ڏائڻ آهي
ساوا گهر تي برباد بڻائي
پيارا پيارا وڻندڙ چهرا
گل جهڙا جي ڪومل چهرا
مڱڻي هجي - وواهه هجي

With Best
Compliments
From

Hello : Off. 70154
Resi. 71261
71295
71297
74767
70443

M/s. K. K.
RAMCHANDANI

GOVT. CONTRACTORS & ENGINEERS

982, Nehru Chowk, Ulhasnagar-2

शिव शास्त्री संत बाबा आसूदाराम आश्रम
शिवसख़ी
पुस्तकालय
एवं
वाचनालय
पी०आई०पी० रोड, लखनऊ

ڏاڍن آهه ڏهڪاءُ مچايو
سيٺن ڪُل ملڪ ساءُ وڃايو
سيٺ نه سچ ٿيندا آهن نيٺ
پر بڻجي ويا هاڻي ويٺ
هنياءُ ٿي پنهنجي هٿ رکون
سؤ برهمڻ ٻر هڪڙي نياڻي
ريت ڌرم جي آهه پراڻي
ڌرم ڪرم جو خيال نه آهي
لالچ سڀ ليکا ٿي لنگهائي
پنهنجيون نياڻيون
جڳ جون نياڻيون
سوارٿ ساڃهه آهه وڃائي
پاڻ ڪريون ٿا پنهنجي تباهي
آهه غريبان قهر خدائي!
ڳالهه اَسان چو آهي ڀلائي
هيڪر اُچو ڪريون ويچار
ڏيون سيٺني کي دل جو پيار
حرص هوس تياڳي، سڀ پرچون
"آشا" پنهنجي پاڳين پرجون.

كمار ڊپارٽمينٽ اسٽور

چڱي ڪٽي بس ڪر!

* چاڪاڻ ته *

سڀني وڏين ۽ نامور ملين جا اٿورائيزڊ ڊيلر
آهن يعني وهل، رئمنڊ ۽ گارڊن جا. ڊائنرس
ڪلب جا ڪارڊ به وٺون ته ملين جا ڪوپن به وٺون

مال نه وڻي ته بدلائي وٺو. اگهه ۾ فرق
ڏسو ته موٽائي ڏيو. هر ڪپڙو سواگت ماڻيو!
ساڙهيون، ڊريس مٽيريل، سوٽنگ، شرٽنگ
۽ ڪٽ پيس ريڊيميڊ ۾ اسپيشل
۽ ماڊرن دڪان، هڪڙو فقط هڪڙو!!

KUMAR Department

STORE

Japani Bazar, Ulhasnagar-2.

Phone ; 70825 - 73611